SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ XXXVIII مجريه 2013
# SINDH ACT NO.XXXVIII OF 2013

## سنڌ جي وزيرن جون(پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 2013

## THE SINDH MINISTERS (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 2013

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان اور شروعات
Short title and commencement
2. سنڌ ايڪٽ VIII مجريه 1975 ۾ دفعه 20 جو اضافو
Addition of section 20 in Sindh Act No.VIII of 1975

# سنڌ ايڪٽ XXXVIII مجريه 2013
# SINDH ACT NO.XXXVIII OF

# 2013

## سنڌ جي وزيرن جون(پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 2013

## THE SINDH MINISTERS (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 2013

[پهرين اپريل 2013]

ايڪٽ جنهن جي ذريعي سنڌ جي وزيرن جون (پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ جي وزيرن جون (پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي؛

جنهن ڪري هن طرح تاهي نافذ ڪيو ويندو؛

مختصر عنوان اور شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ جي وزيرن جون (پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم)ايڪٽ، 2013 سڏيو ويندو؛
(2) هيءُ في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ VIII مجريه 1975 ۾ دفعه 20 جو اضافو
Addition of section 20 in Sindh Act No.VIII of 1975

2. سنڌ جي وزيرن جون (پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 دفعه 19 کانپوءِ هيٺين نئين دفعه 20 جو اضافو ڪيو ويندو.
”20 . وزيراعليٰ جي لاءِ مراعتون ۽ سهولتون...“
عهدي جي مدت پوري ٿيڻ تائين گھٽ ۾ گھٽ چار سالن جي لاءِ بطوروزيراعليٰ

رهڻ وارو شخص تاحيات هيٺين سهولتن ۽ مراعتن جوحقدارهوندو:-

(i) ماهوار پگهار ۽ مراعتن جو 70 سيڪڙو

(ii) اسڪيل 17 جو پرائيويٽ سيڪريٽري (نامزد يا ان جي پاران مقرر ڪيل)؛

(iii) اسڪيل 05 جو هڪ اردلي (نامزد يا ان جي پاران مقرر ڪيل)؛

(iv) اسڪيل 04 جو هڪ ڊرائيور (نامزد يا ان پاران مقرر ڪيل)؛

(v) اسڪيل 04 جو هڪ باورچي (نامزد يا ان جي پاران مقرر ڪيل)؛

(vi) اسڪيل01 جو هڪ مالي (نامزد يا ان جي پاران مقرر ڪيل)؛

(vii اسڪيل 01 جو هڪ سينيٽري ورڪر (نامزد يا ان جي پاران مقرر ڪيل)؛

(vii تاحيات پاليسي سيڪيورٽي

(ix) ماهوار 10 هزار ماليت جي لينڊ لائين ۽ موبائل فون سهولت

(x) ڇهه مهينن جي لاءِ بلٽ پروف ڪار.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.